# وامق عذرا



# وامق عذرا

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ


سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو / حيدرآباد سنڌ

۱۴۱۳ھ / ۱۹۹۳ع



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

| | | |
|---|---|---|
| پهريون ايڊيشن: | ١٩٦٠ع | تعداد ٢٠٠٠ |
| ٻيون ايڊيشن: | ١٩٦٩ع | تعداد ٢٠٠٠ |
| ٽيون ايڊيشن: | ١٩٧۴ع | تعداد ٢٠٠٠ |
| چوٿون ايڊيشن: | ١٩٨١ع | تعداد ٥٠٠٠ |
| پنجون ايڊيشن: | ١٩٩٣ع | تعداد ٥٠٠٠ |

قيمت [redacted] رپيا

[ Price Rs.[redacted]- 00 ]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

(پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.)

۽

سنڌ جا سمورا نامور ڪتب فروش

# ديباچو

سنڌ ۾ گهڻا ديسي محبت جا قصا مشهور آهن، جيئن تہ سسئي - پنهون، عمر - مارئي، سهڻي - ميهار، ليلا - چنيسر، مومل - راڻو ۽ هير - رانجهو وغيره. ڪي ٻاهريان قصا بہ گهڻن ٻڌا آهن ۽ پڙهيا آهن، جيئن تہ ايران جا شيرين - خسرو يا شيرين - فرهاد، عرب جو ليليٰ - مجنون ۽ مصر جو يوسف - زليخا وغيره، پر "وامق - عذرا" جو قصو ڪن ٿورن ٻڌو هوندو. اِهي بہ ليلي مجنون وانگر عرب هئا. اهو قصو عربي ۾ آهي، پر فارسي نظم يا مثنويءَ ۾ بہ مرزا صادق - تخلص "نامي" واري جو لکيل آهي، جو اڪثر ڪمياب آهي. انهيءَ مان هن جو مضمون ڪڍي مختصر ۽ سليس عبارت ۾ لکيو اٿم. اُميد آهي تہ پڙهندڙن کي گهڻو وڻندو.

حيدرآباد سنڌ. — قليچ بيگ

آگسٽ, ١٩٢٥ع

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر
ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو، ۽ سيد امداد حسيني، سيڪريٽري سنڌي
ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# وامق عذرا

عربستان ڏيھ جي يمن شھر ۾ ھڪڙو بادشاھ ھوندو ھو، جو عدل ۽ انصاف جي ڪري ڏاڍو مشھور ھو. انھيءَ بادشاھ کي ھڪڙو پٽ ھو، جنھن جو نالو "وامق" ھو. اھو نھايت خوبصورت ۽ نيڪ سيرت ھو، انھيءَ ڪري سڀ ماڻھو سندس خوش طبعيءَ ۽ خوش خلقي ڪري منجھانئس خوش ھوندا ھئا، ۽ ڪيس پيار ڪندا ھئا. اھو جوان شھزادو علميّت ۽ فضيلت وارو ھو، ۽ بھادريءَ جي ڪري ھمتّ ۽ جُرات وارو ھو؛ اڪثر جھنگن ۾ ۽ برن پٽن ۾ وڃي شڪار ڪندو ھو، وٽس جوان ۽ خوبصورت خدمتگار رھندا ھئا، ۽ وڏي تجملَ ۽ شانَ سان ملڪ ۾ گشت ڪندو رھندو ھو.

ھڪڙي ڀيري شڪار ڪندي، بيابان ڏي ڪن ھرڻن جي پٺيان ھليو ويو، ۽ وڃي ڪنھن جھنگلي قبيلي ۾ نڪتو، جي عربن جي دستور موجب نندن تنبُن ۾ رھندا ھئا. گاھ ۽ مال جي سانگي ھڪڙي ھنڌان لڏيو ٻئي ھنڌ گذاريندا ويندا ھئا. انھيءَ قبيلن جا مرد ماڻھو پنھنجن ڪمن ڪارين جي پٺيان ويل ھئا، ڪيترين جوان ۽ خوبصورت زالون ۽ ڇوڪريون آسپاس پئي آيون ويون. ڏينھن تتل ھو ۽ شھزادي کي بہ ڏاڍي اُڃ لڳي ھئي، سو ھڪڙي ويجھيءَ رانوتيءَ وٽ بيھي، پاڻي گھرڻ لڳو. ھڪڙي جوان زال پاڻي پياريس، پر ھوءَ اھڙي حسين ۽ چگّن مُھاندن واري ھئي، جو شھزادو ھن کي ڏسي، حيران ٿي دل ۾ چوڻ لڳو تہ "ھھڙي

خوبصورت زال جهنگلي ماڻهن ۾ ڪيئن پيدا ٿي! جڻ تہ هيءَ بهشت جي ڪا حور يا پرستان جي ڪا پري آهي، جا اچي اِتي لٿي آهي!" مطلب تہ ڏسڻ شرط مٿس موهجي پيو، ۽ دل آيس، تہ "ڪنهن بہ عذر سان اِتي رهجي پوان تہ ڏاڍو چڱو."

اُها ڇوڪري جنهن جو نالو "عُذرا" هو ۽ جا هڪڙي عرب مالدار جي ڌيءَ هئي، سا بہ انهيءَ شهزادي جي خوبصورتي، چمڪندڙ پوشاڪ ۽ شاندار تجمَل ڏسي اهڙي حيران ٿي، جهڙو شهزادو ڪيس ڏسي حيران ٿيو هو. جي هوءَ حسين هئي، تہ شهزادي ۾ بہ گهٽ ڪانہ هئي: جي پاڻ پري هئي، تہ هو بہ ملائڪ صفت انسان هو. اهڙي جهنگ ۽ بيابان ۾ ظاهر ٿيڻ ڪري، پاڻ وڌيڪ حيرت پيدا ڪندڙ هو. انهيءَ ڪي ڏسي، عذرا جي دل بہ ڏانهس ڇڪي ڏني، اگرچ شرم ۽ حيا جي ڪري پنهنجن اکين کي گهڻو روڪيائين ۽ حجاب ڪيائين، پر جهنگلي عربن جو دستور آهي، تہ مهمان جي گهڻي مرحبا ڪندا آهن، ۽ ٿن ڏينهن تائين ڪهڙي بہ مسافر جي نهايت خاطر خواهہ خدمت ڪندا آهن. تنهن هڪدم گهوڙو ورتس، پاڻي آڻي پياريائينس، ۽ جيڪا جاءِ مهمانن ۽ مسافرن جي واسطي مقرر هئي، تنهن ۾ ويهاريائينس. شهزادي ٻڌايس، تہ "آئون پري جو ماڻهو آهيان، شڪار جي پنيان هلندي هيستائين اچي نڪتو آهيان، اُج لڳي هيم، تنهنڪري هيڏانهن لڙي آيس. آرام وٺي، وري موٽي پنهنجي منزل ڏي ويندس."

مطلب تہ لحظي جي اندر ڳالهين ڪندي، هو ٻيئي هڪٻئي

جي محبت جي دام ۾ ڦاسي ويا. ڇوڪريءَ جا ماءُ پيءُ آيا، اُنهن به دستور موجب مهمان جي گهڻي قدر آدرڀاءُ ڪئي ۽ هن کي رهڻ ۽ آرام ڪرڻ لاءِ زور ڪيائون، پر هو ته اڳي ئي ائين ڪرڻ لاءِ شائق ۽ منتظر هو "اندو گهري الله ڪان به اکيون." هن جي رهڻ جي ڪري عذرا به دل ۾ نهايت خوش ٿي. اُنهيءَ ڏينهن ۽ رات جي عرصي ۾ هنن ٻن ڄڻن کي هڪٻئي کي چتائي ڏسڻ، ڳالهائڻ ۽ محبت ونڊڻ جو چڱو وجهه مليو. جنهن جو نتيجو اِهو ٿيو، ته هُو بلڪل هڪٻئي تي مست ٿي ويا. اگرچ عذرا حيا ۽ حجاب ڪان البت پاڻ کي روڪيو ٿي، ۽ شهزادي محبت جي گهڻائيءَ ڪان گستاخي ڏيکاري ٿي.

جڏهن شهزادي ڏٺو ته ظاهري ڪري سندس جادو هن تي ڪارگر ٿي نٿو سگهي، ۽ هن به پاڻ کي ڪانئس البت پري ٿي رکيو، تڏهن ڏاڍو غمگين ٿيو، ۽ رنج ڏسڻ ۾ ٿي آيو. هن کي گهڻو ئي اشارن سان عتاب ڏنائين، ۽ پنهنجي پرديسي، مسافر ۽ اعلي درجي واري ماڻهوءَ هئڻ جا ننگ وڌائين؛ پر عذرا هزارين عُذر ڏيئي، پاڻ کي آزاد ۽ بي پرواهه ٿي رکيو، اگرچه دل ۾ هن تي سوَ جان سان قربان هئي.

آخر ٻئي ڏينهن صبح جو شهزادو وامق، جو جيڪر خوشيءَ سان دستور موجب ٽي ڏينهن رهي پوي ها، سو نااُميد ٿي، تياري ڪرڻ لڳو، ۽ گهوڙو سنبرائي، هنن ڪان موڪلائي اٿيو. هلڻ مهل عذرا کي نامهربان هئڻ جو عتاب به ڏنائين، ۽ آئيندي لاءِ سندس غير حاضريءَ ۾ ڪيس ياد ڪرڻ لاءِ تاڪيد به ڪيائين. پوءِ چڙهي

منزل ڏي روانو ٿيو، ۽ اتان وري پنهنجي شهر ۾ آيو.

شهزادي جي رواني ٿيڻ کان پوءِ، عذرا ڏاڍي پشيمان ۽ غمگين ٿيڻ لڳي. پاڻ کي عتاب ڏيڻ لڳي ته "مون ڪاب ه هن سان مهمان نوازي ڪانه ڪئي، جي رڳو ڳالهين ۾ ئي خوش رکندي اچانس ها، ته رهيو پيو هجي ها، پوءِ هو مون کي ڏسڻ سان، ۽ آئون هن کي ڏسڻ سان، هر وقت پيئي تازي خوشي پيا حاصل ڪريون ها: افسوس هو رنج تي هليو ويو، وري يا نصيب ملي نه ملي!" انهيءَ غم ۾ هوءَ بيتاب ۽ بي آرام ٿيڻ لڳي، ۽ رات جو ننڊ ئي نٿي آيس. هن جي ماءُ - پيءُ کي به هن جي دل جي حالت جو شڪ پئجي ويو، تن به هن کي دڙ دلاسو پئي ڏنو، ۽ روڄ راڙي کان روڪڻ لڳس. ياد ڏياريائونس ته "ڪيڏي اسين غريب جهنگلي ماڻهو، ۽ ڪيڏي هو شهزادو شهرن ۽ محلاتن ۾ گذارڻ وارو! اهڙو خيال رکڻ بيعقلن جي نشاني آهي، يا پاڻ کي پاڻهئي بي آرام ۽ خراب خوار ڪرڻو آهي."

جي هيڏي عذرا جو اِهو حال هو ته هوڏي وامق جو به انهيءَ کان گهٽ خراب حال نه هو. هُن جي دل هن کي اُتان چرڻ ئي نٿي ڏنو، چڻ ته گهوڙي به ساڻس همدردي ٿي ڪئي، جو آهستي آهستي ٿي هليو، ۽ پنتي رهڻ جي خواهش پئي ڏيکاريائين. شهزادو ساري وات ڳِتيون کائيندو پنهنجي محبوب کي ياد ڪندو هليو ويو. منزل تي توڙي وري محلات ۾ پهچڻ کان پوءِ اهڙو حال هوس، جو روئي روئي اکيون سڄائي وڌائين. رانديون، تماشا، شيل ۽ شڪار سڀ وسري ويس. هوئنن جو هميشه پاڻ

گهڻو شڪار ڪري، خوش ٿي موٽندو هو، سو هن پيري پاڻ شڪار تي موٽيو، غم ۽ افسوس ۾ گذارڻ لڳو. باغن جو سير ئي وسري ويس، يا جي ڪڏهن باغ ۾ ويندو هو ته سروءَ جي وڻ کي ڏسي عذرا جو قد ياد پوندو هنس، گلاب جا گل ڏسي، عذرا جا ڳل ياد پوندا هئس، ياسمين جا گل ڏسي ۽ بوءِ سنگهي، هن جا خوشبودار زلف ياد پوندا هنس؛ بلبلين جون گلن تي ٻوليون ٻڌي، پنهنجون ٻوليون ياد پونديون هيس، جي عذرا سان ڪيون هئائين. ڪڏهن ٻڌين جي هٿان ۽ ڪڏهن صبا جي واءُ هٿان پنهنجي محبوب ڏي خيالي پيغام موڪليندو هو ۽ عتاب ڇوائي موڪليندو هوس .... ڪڏهين سج ۽ چنڊ جي هٿان نياپا نڙا موڪليندو هو. مطلب ته هن جو وقت عذرا جي فراق ۽ جدائي، يادگيريءَ ۽ محبت ۾ ڏاڍو خراب گذرڻ لڳو.

جڏهن وامق ڏٺو ته مون کي عذرا کان سواءِ آرام نٿو اچي، ۽ انهي جي ملاقات يا صحبت يا گفتگوءَ کان سواءِ منهنجو جياپو ڏکيو ٿيندو، تڏهن دل ۾ آيس، ته "وري شڪار جي بهاني تي اُنهيءَ پاسي وڃان، ۽ جي اُهي لڏي ٻئي پاسي نه ويا هجن ته هڪ دفعي وري به وڃي ملانس، ۽ جي وجهه هجي ته هن جي مائٽن جي اجازت سان سائس شادي ڪري ساري حياتي خوش رهان." اهو ارادو ڪري، هن شڪار جي تياريءَ جو حڪم ڏنو. پنڌ ڪري، اچي انهي قبيلي کي پهتو، جي اجا اتي ئي ويٺل هئا. پري کان هنن جا تنبو ڏسي، خوش ٿيو ۽ پنهنجي عملي کي نزديڪيءَ ۾ ڇڏي، پهرين پاڻ اڪيلو اوڏي ويو پري کان پهرين

عذرا جي نظر متس پيئي، ۽ بي اختيار تي وڌي. ائين ڏانهس ڇڪجي ويي، جيئن لوهه چقمق پهڻ ڏي ڇڪبو آهي. اتي ئي وجي پهتيس. هُو بہ لهي پيو، ۽ ساڻس گڏيو. عذرا جو حجاب هينئر گهڻو گهٽجي ويو هو، بيحجاب تي، هن کان معافي گهريائين، تہ "اڳئين پيري ناحق توکي رنج ڪيم، جنهنڪري تون رُسي هليو وئين." هو بہ متس پنهنجي جان قربان ڪرڻ لاءِ اقرارمند ٿيو. هڪٻئي کي سچي پچي پيار ڪرڻ ۽ آئيندي لاءِ هڪٻئي سان وفادار تي رهڻ جا انجام ڪري، تنبوءَ ۾ آيا. عذرا جا مائٽ بہ هن کي ڏسي خوش ٿيا. خوش خير عافيت ڪرڻ کان پوءِ هن کي رهائڻ جو اڳي کان زياده بهتر بندوبست ڪيائون. وامق توڙي عذرا کي هاڻ پڪ ٿي تہ هن دفعي هنن جو عمر لاءِ وصال ٿيو، ۽ وري ڪڏهن بہ جدا ڪين ٿيندا. پر "بندي جي من ۾ هڪڙي، ۽ الله جي من ۾ ٻي" زماني نامراد جو ڪم آهي مِلين کي ڌار ڪرڻ، ۽ آسمان مڪار جو ڪم آهي بيڏوهن مسڪينن تي ظلم ڪرڻ. في الحال هنن ٻن محبتين جي مراد پوري ٿيڻي نہ هئي.

مصر ۽ شام ملڪ جي بادشاهہ جو يمن جي بادشاهہ سان ڪن ملڪي ڳالهين تي تڪرار هو، ۽ گهڻي وقت کان سندن وچ ۾ ناسازي هلي پئي آئي. اتفاق سان انهيءَ وقت ڌاري، انهيءَ بادشاهہ جو گهڻو جيترو لشڪر يمن جي حد لنگهي، ڦرمار ڪرڻ ۽ وڙهڻ لاءِ ڪاهي آيو. رستي ۾ شهزادي جا ماڻهو ڏسي، ۽ هن جي اتي هئڻ جو احوال معلوم ڪري کيس ڦري آيا، ۽ هن کي قيد

ڪري وڏائون، ۽ ڏاڍا خوش ٿي، اڳتي وڃڻ جو خيال ڇڏي، آسپاس ملڪ ڦري پُٺ تي موٽيا. شهزادي کي قيدين وانگي سونا زنجير ۽ طوق وجهي اُٺ تي محمل يا ڪجائي ۾ ويهاري، پاڻ سان وٺي ويا. ويچارو شهزادو ڏاڍو پشيمان ۽ پريشان ٿيو. شرمندگيءَ کان ڪنڌ مٿي ڪٽي نٿي سگهيو؛ پيو ته اندر ۾ عذرا جي وڇوڙي ۾ جي بي آبروئيءَ ۽ انتظار جي خيال بيحال ٿي ڪيس، پر لاچار صبر ڪري گذارڻ لڳو.

شام مصر جي بادشاهه پنهنجي وطن ۾ پهچڻ کان پوءِ شهزادي کي هڪڙي عمدي باغ ۾ ماڙيءَ منجهه ڪٽي نظربند رکيو. ظاهري ڪري اگرچ هو قيد ۾ هو، ته به خوش گذارڻ لاءِ هن کي هر طرح جو وجهه ڏنو ويو. پر انهيءَ هوندي به هن خوش نٿي گذاريو. هر وقت پنهنجي بخت ۽ پنهنجي محبوب جي يادگيريءَ ۾ ٿي رهيو. ڪڏهن پنهنجي ڪمبختيءَ تي افسوس ٿي ڪيائين، ڪڏهن دنيا جي بيوفائيءَ ۽ اسمان جي گردش جي شڪايت ٿي ڪيائين. سدائين وڇوڙي ۾ تڏا ساهه پئي کنيائين، ۽ فريادون پئي ڪيائين.

عذرا جو حال به شهزادي جي قيد ٿيڻ کان پوءِ، اڳي کان خراب ٿيو. هُن جي بي آبروئيءَ، قيد ۽ بند جو ڏک هڪڙي پاسي، ڪانئس جدا رهڻ جو ارمان ٻئي پاسي. روئڻ رڙڻ کان سواءِ ٻي ڪابه مشغولي ڪانه هيس. کاڌو ۽ ننڊ به حرام ٿي آيس. سدائين پيئي آهون دانهون ڪندي هئي، ۽ بيمارن وانگي هڪ هنڌ پيئي هئي. سُجهندو هوس ته وامق جو ڪهڙو حال هوندو، ننهنڪري

نتي چاهيائين، تہ ياڻ ڪائيو پيئو خوش ٿِي گذاري. خدا کي رات ڏينهن سوال پئي ڪيائين، تہ جيئن ٻهرئين ٻيري بہ هن کي ٻاڻهئي وٽس آندو هئائين، تيئن هاڻي بہ وري هڪ دفعو هن کي سائس اچي ملائي.

وامق کي باغ واري محلات ۾ رهيئي بہ - تي ڏينهن مس گذريا تہ هڪڙي ڏينهن شام جو، شام ۽ مصر جي بادشاهہ جي ڌيءَ جنهن جو نالو سَلما هو، سا پنهنجن ڪن ساهيڙين ۽ ٻانهين سان گڏجي باغ گهمڻ آئي. اتفاق سان انهي وقت وامق بہ هڪڙي چمن ۾ پسار پئي ڪيو، ۽ پنهنجن خيالن ۾ غلطان هو. اها شهزادي بہ تمام حسين ۽ نازنين هئي. هڪ ٻئي کي ويجهو ڏٺائون؛ پر گڏيا ڪين، نڪي ڳالهايائون. شهزاديءَ کي خبر هئي، تہ هو يمن جو شهزادو آهي، ۽ پڻس هن کي نظربند رکيو آهي. پر شهزادي کي خبر نہ هئي، تنهن ٻانهين کان حقيقت پڇي معلوم ڪيو، تہ هوءَ شام مصر جي بادشاهہ جي ڌيءَ سلما آهي. ٻنهي کي هڪٻئي جي صورت پسند آئي؛ پر سلما جي خاص طرح وامق سان اک اٽڪي وئي، ۽ پهرينءَ نظر سان دل لڳي وئي. هن کي ويجهو وڃڻ ۽ ڳالهائڻ گهريائين، پر حجاب جي ڪري، ۽ ساهيلين ۽ ٻانهين سان هئڻ ڪري وڌيڪ ڪي بہ ڪري نہ سگهي، درد دل ۾ رکي، سُور پِي، موٽي پنهنجي حرمخاني ۾ آئي. پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ وڃي پلنگ تي ليٽي ۽ در بند ڪري، روئڻ لڳي. انهيءَ کان پوءِ بہ هن جو حال غمگين ۽ اُباٽڪو ڏسڻ ۾ آيو. سندس دائيءَ هڪدم معلوم ڪيو، تہ هن سان ڪا ويڌن

آهي. نيٺ آرام سان هن کي دڙ دلاسا ڏيئي، سندس راز معلوم ڪيائين، ۽ اُنهيءَ جي علاج ڪرڻ جو هن سان انجام ڪيائين، يعني تہ ڪنهن تجويز سان هن کي شهزادي سان گڏجڻ ۽ حال احوال ڏيڻ وٺڻ جو وجهہ ڏيندي. پوءِ هُوءَ مناسب موقعو ڏسي، وامق وٽ آئي، ۽ هن سان سارو حال ڪيائين، ۽ چيائينس تہ "جي تنهنجي مرضي هجي، تہ ٻنهي کي في الحال ملائڻ جو ۽ آخر ٻنهي جي شادي ڪرڻ جو بندوبست ڪريان؟" پر وامق چيس تہ "آئون غريب قيدي آهيان. اهڙا نصيب منهنجا ڪٿان ٿيندا! خاص ڪري جڏهن اسان ٻنهي جي پيُن بادشاهن جي وچ ۾ عداوت ۽ جنگ جاري آهي؛ تنهنڪري اهڙي رٿ ناممڪن ٿي ڏسجي، ۽ انهيءَ مان گهڻي خرابيءَ پيدا ٿيڻ جو خطرو آهي."

جڏهن دائي نااُميد ٿي، سلما وٽ موٽي آئي ۽ سمورو حال اُن کي ڏنائين، تڏهن شهزاديءَ جو حال اڳي کان اَبتر ٿيو: جيڪا توري گهڻي اُميد وامق سان ملاقات ڪرڻ جي پيدا ٿي هيس، سا بہ گم ٿي ويئي، تنهنڪري زياده ملول ۽ غمگين ٿيڻ لڳي. رات ڏينهن رئڻ رڙڻ ۾ ٿي گذريس، ۽ مُنهن جو رنگ ئي ڦري ڦِڪو ٿي پيس. ماٽس کي هي حال ڏسي، حيراني لڳي؛ بلڪ ڏاڍو ڊپ ٿيڻ لڳس. دائيءَ سان صلاح ڪيائين، تہ حقيقت معلوم ڪجي. انهيءَ ٻڌايس تہ "ڪهڙي سبب جي ڪري هن جو اهڙو حال ٿيو آهي." تڏهن راڻيءَ جي خيال ۾ آيو، تہ "جڏهن هُو بہ شهزادو آهي، ۽ هيءَ بہ شهزادي آهي، تڏهن اُنهن جي شاديءَ جي بندوبست ڪرڻ ۾ حرڪت ڪانہ ٿي ڏسجي." ارادو ڪيائين تہ

بادشاهه وٽ اها رٿ پيش ڪري، ۽ هن کان منظوري وٺي، ته پوءِ جيترو جلد ٿي سگهي اوترو هنن جي شادي ڪجي. اهو به ڏپ هوس، ته متان اهڙي بندوبست نه ڪرڻ ڪري ڪو بدناميءَ جهڙو ڪم ٿي پوي ۽ ملڪ ۾ خواري ٿئي.

آخر موقعو ڏسي، راڻيءَ بادشاهه سان اِها ڳالهه ڇوري: مگر جيڪا بنيادي حقيقت هئي، اُها نه ٻڌايائينس. چيائينس ته "سلما هاڻ وڏي ۽ جوان ٿي آهي. اتفاق سان هڪڙو پاڙيسري شهزادو قيد ٿي هتي آيو آهي. انهيءَ کي ڏسڻ، انهي جي لياقت ۽ خوش خُلقي معلوم ڪرڻ جو اسان کي چڱو وجهه مليو آهي. هو جوان ۽ خوبصورت آهي، جهڙي اسان جي ڌيءَ آهي. ڇو نه انهن جي شاديءَ جو بندوبست ڪجي، جنهنڪري هو ٻئي به پاڻ ۾ خوش رهن، ۽ يمن جو بادشاهه شهزادي جو پيءُ، جو اسان جو دشمن آهي، سو به دوست ٿي پوي، ۽ آئيندي جنگ جهيڙو به ٻنهي ملڪن مان نڪري وڃي؟" بادشاهه کي اِها ڳالهه پسند آئي. راڻيءَ دائي کي اطلاع ڏنو. دائي ڀرين ڀڳي سلما ڏي. اُنهيءَ کي مبارڪ ڏني. پوءِ ويئي وامق شهزادي وٽ. اُنهيءَ کي اها خوشخبري ٻڌايائين، ۽ وري به کانئس سندس مرضي پڇيائين. هُن چيو ته "آئون قيدي بيوس آهيان. منهنجو ڪو به اختيار ڪونهي، جيئن بادشاهه حڪم ڪندو، تيئن ڪرڻ لاءِ آئون تيار آهيان." اگرچه هن ظاهري ائين چيو، مگر حقيقت ڪري هن جي دل عذرا سان ٻڌل هئي، هُو به رات ڏينهن اُنهيءَ جي يادگيريءَ ۾ سڪ ۾ رهندو هو.

جڏهن شام ۾ مصر جي بادشاهه وامق ۽ سلما جي شاديءَ جو ٻڌو نهراءُ ڪيو تڏهن هڪدم وامق کي قيد ۽ نظربنديءَ کان آزاد ڪيائين. ڪيس پنهنجيءَ محلات ۾ جاءِ ڏنائين. شاديءَ جي تياريءَ جا حڪم جاري ٿيا، ۽ شاهي بندوبست ٿيڻ لڳا. ڏينهن مقرر ٿيو. دستور موجب پنهي جي شادي ٿي، ٻيئي جوان شهزادو ۽ شهزادي ياڻ ۾ گڏ گذارڻ لڳا. مگر وامق کي اجا عذرا جي محبت جو تير دل ۾ لڳل هو، ۽ اگرچه ظاهري ڪري شهزاديءَ سان خوش گذاريندو هو، تڏهن به دل ۾ "عذرا ئي عذرا" هوندي هيس.

جڏهن عذرا کي خبر پئي ته وامق جي شادي سلما سان ٿي آهي، تڏهن حسد جي باهه کان دل سڙي ويس ۽ ڏاڍو ڏک ٿيڻ لڳس. پر پوءِ ڄاتائين ته بادشاهه نيٺ بادشاهه سان نسبتون ڪندا، نه غريبن سان. تنهنڪري وڏيڪ ٻيو ڪي ڪري نه سگهي، مگر هڪڙو ڏورايي جو خط لکي ڪنهن تجويز سان وامق ڏي موڪليائين، جڏهن ته هن ڏي وطن مان ڪنهن مائٽ خط لکيو آهي. انهيءَ ۾ پنهنجي اڳي واري محبت ۽ ڪيل انجام ياد ڏياري، ڏورايا ڏنائينس ۽ طعنا هنيائينس. جيڪا سندس جسم ۽ جان جي حالت هن جي فراق ۾ ٿي هئي، تنهن جو چٽو بيان ڏنائينس. اهو خط جڏهن وامق کي رسيو، ۽ هن پڙهيو، تڏهن دل ۾ ڏاڍو ارمان ٿيس. عذرا جي محبت، جا اجا سندس دل مان وئي نه هئي، سا تازي ٿي. هڪدم جواب لکي روانو ڪيائين، جنهن ۾ قسم سان خاطري ڏنائينس ته "جيڪي مون انجام ڪيا

هتا، تن تي اجا آئون قائم آهيان. توکي هر دم ياد پيو ڪريان ۽ تنهنجي ڏسڻ لاءِ پيو سڪان. اگرچه سلما صبح شام منهنجي آڏو ۽ منهنجي پاسي ۾ آهي، ته به مون اجا هن جو مُنهن برابر نه ڏٺو آهي. آئون قيدي آهيان. جيئن پکي پڃري ۾ قاتل هجي ۽ شڪاريءَ جي وس ۾ هجي. جهڙو حڪم مُون کي ملي تو، تيئن ظاهري پيو ڪريان. ليڪن منهنجي دل هڪڙي آهي، سا توئي هڪڙي محبوب سان مِليل آهي؛ اگرچه ظاهريءَ طرح پنهنجا بدن ڌار آهن ۽ پاڻ هڪٻئي کان پري آهيون. جڏهن ڪا خدا قسمت چڱي ڪئي ۽ مهرباني ڪيائين، تڏهن ملنداسين. تيسين تون دعا کان متان وسارين. انهيءَ هوندي به جي تون سمجهين تي ته مون کو قصور ڪيو آهي ته مون کي معاف ڪج. جڏهن ملڻ جو اتفاق ٿيو، تڏهن روبرو توکان پنهنجي خطا بخشائيندس."

هوڏانهن يمن ۾، وامق جي پيءُ بادشاهه کي جڏهن پٽ جي قيد ٿي شام مصر ڏي وڃڻ جي خبر پهتي، تڏهن ڏاڍو افسوس ٿيس؛ پر پوءِ سگهوئي هن جي شاديءَ جو ٻڌي خوش ٿيو. هڪڙو خط ڏک ۽ خوشيءَ جو گڏيل شام ۽ مصر جي بادشاهه ڏي لکيائين، جنهن ۾ سندس شڪر گذاري ڪيائين. آئيندي پاڻ ۾ صلح قائم رکڻ جو انجام ڪيائين. ۽ پڇاڙيءَ ۾ لکيائين ته "هاڻي ڀلائي ڪري منهنجي پٽ کي پنهنجي ڪنوار سميت مون ڏي ڏياري موڪليو، ته اسين سڀ ننڍا وڏا، جي سندس جدائيءَ ڪري پريشان آهيون، سي ڪيس ڏسي خوش ٿيون ۽ اوهان کي دعا ڪندا رهون."

انهيءَ خط پهچڻ تي بادشاهہ حڪم ڏنو تہ "يمن ڏي وڃڻ جي تياري ڪن." شاهاڻا بندوبست ٿي ويا: زر زيور، جواهر، قيمتي پوشاڪون، پيو شاهي سامان، بيشمار ٻانهيون، ٻانها ۽ خدمتگار سنبري تيار ٿيا. اُٺ گهوڙا، پالڪيون ۽ خچرون سامان ۽ ماڻهن سان لڏجي نڪتيون.

شام ۽ مصر جي حد تي اچڻ کان پوءِ، عربستان ملڪ جي يمن شهر ۾ وڃڻ لاءِ هنن کي سمنڊ مان لنگهڻو پيو. ٻيڙيءَ جو بندوبست رکايو ويو هو. هو اچڻ سان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي روانا ٿيا. هڪڙو ڏينهن ۽ ورندي رات ڏاڍي مزي سان ويا: پر ٻئي ڏينهن اچي واءُ ڇتڪيو، ۽ ڪڪر بہ آسمان تي اچي گڏ ٿيا ۽ مينهن وسڻ لڳو. طوفان زور ورتو، ۽ ڦهر جون لهريون تيڻ لڳيون. ٻيڙي اونڌي ٿي پئي ۽ ٻجي بہ پئي. سڀ ماڻهو ٻڏي پيا. انهيءَ حال ۾ ، وامق کي هڪڙو ڀڳل تختو هٿ لڳي ويو، تنهن کي قابو جهلي هو تلڪندو وتيو، اگرچہ هر لحظي ٻڏڻ جو خوف هوس. خدا کي ياد ڪري ۽ پنهنجي ڪمبختي شروع کان وٺي پڇاڙيءَ تائين دل تي آڻي، روئڻ ۽ ارمان ڪرڻ لڳو، ۽ خدا کي سوال ڪرڻ لڳو تہ "مون کي بچاءِ ۽ مصيبتن کان آزاد ڪر!" انهيءَ ڏينهن ۽ رات گذرڻ کان پوءِ، هو بُڇڙي حال ۾ هڪڙي ٻيٽ جي ڪناري تي وڃي پيو.

هيڏي هوڏي ڊوڙيو، مزي جهڙيون ساوڪون لڳيون پيون هيون. جهنگلي گل گلڪاريون ڪيس نظر پئي آيون. ههڙي مصيبت کان پوءِ هن ائين پئي سمجهيو تہ "آئون دوزخ مان

نڪري بهشت ۾ اچي پيو آهيان." جهنگلي ميوا ڪائي پيٽ پريائين، ۽ چشمن جو مٺو پاڻي بہ پي ڍؤ ڪيائين. هيو سڀ سک اُتي موجود ڏٺائين، پر ڪوبہ ماڻهو نظر نہ آيس. اونداهي رات اچي نڪتي، وڻن جو گهاٽو ٻوڙو ڏسي، پَنَ ٻوٽا وڇائي، سمهڻ جو ارادو ڪري ليٽي پيو، تہ هڪڙي پاسي کان روشنائي ڏٺائين. هي خوش ٿيو تہ اِتي ڪو ڳوٺ يا وَسئن آهي، انهيءَ پاسي وڃي نڪتو. ڏسي تہ ڳچ پنڌ ۾ فرش وڇايا پيا آهن، ۽ شمعون ٻيون ٻرن، شيشا ۽ گلاس ۽ عمدا طعام رکيا آهن. ظاهر هو تہ ڪا مجلس هئي. نهايت خوبصورت ننڍي قد جا انسان ڏٺائين، مرد توڙي زالون، جن کي عجيب پوشاڪون پيون هيون. هڪڙي زال جا نهايت خوبصورت ۽ چمڪندڙ پوشاڪ ۾ هئي، سا راڻي ٿي ڏٺي، سڀني انهيءَ کي تعظيم پئي ڏني، انهيءَ جو حڪم پئي مڃيو. هن دل ۾ چيو تہ "شڪ ناهي تہ هي پريون آهن، يا ڪا ٻي اهڙي مخلوقات آهي." ڪيتريون خدمتگار پريون ڪم ڪار تي هيڏي هوڏي پئي آيون ويون. اوچتو ڪي هِن وٽ اچي نڪتيون، ۽ هن کي ڏسي ورتائون. هڪدم پڪڙي پنهنجي راڻيءَ وٽ وٺي ويس. انهن کان وامق کي معلوم ٿيو، تہ انهيءَ ٻيٽ ۾ پريون رهنديون آهن ۽ ڪو آدمزاد نہ ايندو آهي. جيتوڻيڪ وامق بڇڙي حال ۾ هو، تہ بہ سندس حُسن خداداد لڪڻ جو نہ هو.

جڏهن راڻيءَ جي نظر هن تي پيئي، تڏهن هن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي. هن جو حال احوال وٺي حڪم ڏنائين تہ "هن کي وهنجاري سهنجاري، چڱا ڪپڙا ڍڪائي وٺي اچوس." جهٽ ۾

حڪم جي تعميل تي، ۽ لحظي ڪان پوءِ وامق خوبصورت جوان شهزادو بنجي راڻيءَ وٽ آيو. جنهن، هن ڪي پنهنجي ويجهو ويهاريو. شراب ۽ طعام آڻڻ جو حڪم ڏنائين، ۽ راڳ ناچ جاري ڪرايائين. ڏاڍا مزا لڳي ويا. شراب جا دور هلڻ لڳا. راڻيءَ پاڻ به پئي پيتا ۽ شهزادي کي به پياريائين. هڪٻئي سان مٺيون محبت جون ڳالهيون هليون. جڏهن گهڻي رات گذري، تڏهن سڀ نشي جي ننڊ ۾ پنهنجن پنهنجن جاين تي سمهي پيا.

صبح ٿيو ۽ وڏو سج چڙهيو. تڏهن وامق جون اکيون پٽيون. ڏسي ته جهنگ لڳو پيو آهي، جنهن ۾ اچي لٿو هو ۽ گهميو هو. رات واريءَ محفل جو ڪوبه نشان ڏسڻ ۾ نه آيس. نه پريون، نه شراب، نه پيالا! ساوڪ جا ميدان چوڏاري نظر آيا. خمار لٿو هوس، تنهنڪري خيال ڪرڻ لڳو. پڪ ٿيس ته آئون رات هن هنڌ راڻيءَ وٽ هوس ۽ ڏاڍو خوش هوس. ڄاتائين ته اِهو سارو خواب خيال نه هوندو پر سارو ڪارخانو ويو ڪيڏي؟ اِتي وري پنهنجي اڳوڻي حال ۽ مصيبتن تي خيال ڪرڻ لڳو. پنهنجو وطن، پنهنجا مائٽ، پنهنجو محبوب يعني عذرا ياد پوڻ لڳيس، ڏاڍو رنائين. انهيءَ حال ۾ ڏينهن گذريو، ۽ رات آئي. دل ۾ چوڻ لڳو ته ”الائجي اڄ رات وري ڪهڙيون وارداتون ڏسان! ڳڻتيون ڪائيندي ننڊ ڪٽي ويس. اڌ رات ڪان پوءِ، خواب ۾ ڏٺائين ته عذرا وٽ ويو آهي ۽ هوءَ گڏي اٿس. هڪٻئي کي ڏاڍو پيار ڪيائون. هن شاديءَ جا ڏوراپا ڏنس، جهڙا اڳي خط ۾ لکيا هئائينس، پنهنجي فراق ۽ جدائيءَ جو حال بيان ڪري ٻڌايائينس. وري وامق به پنهنجي

محبت جي سچائيءَ، سڪ ۽ يادگيريءَ جو حال هن کي ٻڌايو، ۽ دڙ دلاسا ڏنائينس. گهڻو وقت انهيءَ ناز ۽ نياز جي حالت ۾ گذريو، تان جو صبح ٿيو ۽ هن جي اک پَٽي. انهيءَ خيال هن کي بي آرام ڪيو ۽ وطن ياد پيس. ارادو ڪيائين ته "ڪنهن طرح سان هن هيٺ مان جند ڇڏائي نڪرجي."

سمنڊ جي ڪناري تي ويهي، انهيءَ ڏي نهاري، ڪڏهن خيال تي پڇايائين، ڪڏهن خدا کان مدد ۽ خوش نصيبيءَ جا سوال تي ڪيائين. اوچتو پري کان ڪا ٻيڙي ويندي ڏٺائين. هٿ ڪٽي ۽ ٻيا اشارا ڏيئي، پنهنجي اُتي هئڻ جي انهن کي خبر ڏنائين. ٻيڙيءَ وارن بہ هن کي ڏٺو، سي لڙي آيا، ۽ هن کي ڇپي ڪنيائون. هن پنهنجو سمورو حال بيان ڪري ٻڌاين. هنن کي هن تي گهڻو قياس آيو. ٻيڙي بہ ڪجهہ واپاري مال سان عربستان جي ڪناري ڏي وڃڻي هئي، جتان يمن سٽائو هو. تنهنڪري وامق ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ اُميد ٿيس تہ جلد وڃي پنهنجي وطن پهچندس، پنهنجي مائٽن ۽ عذرا کي ڏسي خوش ٿيندس.

جنهن عرصي ۾ وامق جي سِر تي هي سڀ وارداتون پئي گذريون، تنهن عرصي ۾ يمن ۾ ٻئي قسم جون وارداتون پئي ٿيون. يمن جي بادشاهہ جي ڌيءُ، وامق جي پيٽ، جوان خوبصورت شهزادي پوري عمر جي ٿي هئي، تنهنڪري ايران جي بادشاهہ انهيءَ جي حسن جي تعريف ٻڌي، اُنهي جي نسبت لاءِ ڪي وڪيل تحفا ۽ خط ڏياري موڪليا. يمن جي بادشاهہ انهن وڪيلن جي گهڻي مرحبا ڪئي، پر خط جي جواب ۾ لکيائين تہ

"اهڙي مائٽي ڪرڻ آئون پنهنجو فخر تو سمجهان ۽ انهيءَ ڪري مون کي ڪوبہ عار ڪونهي، مگر اوهان کي خبر هجي تہ ڪن مهينن کان منهنجو پيارو پٽ قيد تي شام ۽ مصر جي بادشاهہ وٽ قابو ٿيو آهي، ۽ انهيءَ جي غير حاضريءَ ۾ اسان وٽ چڻ تہ ماتم آهي، اهڙي حال ۾ شاديءَ جو سلسلو مناسب نظر نٿو اچي، تنهنڪري في الحال معاف ڪريو ۽ اها ڳالهہ مهمل رکو؛ جيسين تہ هن جو موٽي هٿ اچڻ ٿئي."

اهڙي جواب ملڻ ڪري ايران جو بادشاهہ ، جو جوان ۽ شوخ طبع وارو هو ۽ شهزاديءَ جي تعريف ٻڌي، انهيءَ کي جلد هٿ آڻڻ جو ارادو ڪيو هئائين، تنهن چڙ مان وري خط ۽ ٻيو پيغام موڪليو، جنهن ۾ لکيائين تہ اوهان اسان جي اهڙي جواب ڏيڻ سان بي آبروئي ڪئي آهي. ڪيڏي منهنجي شهنشاهي ۽ ڪيڏي يمن جو ننڍڙو ملڪ! بهتر آهي تہ انهيءَ مائٽيءَ ۽ شاديءَ جا هڪدم ذمہ بردار ٿيو، نہ تہ آئون لشڪر وٺي ڪاهي ايندس، ۽ اوهان جو سارو ملڪ تباهہ ڪري ڇڏيندس. انهيءَ جي جواب ۾ يمن جي بادشاهہ وري ٻيو جواب لکيو، جو پڻ گهڻي نياز ادب ۽ خوش خُلقيءَ سان لکيائين؛ چيائينس تہ "آئون نسبت لاءِ تيار آهيان ۽ قبولدار آهيان؛ پر مناسب وقت تائين مهلت جو طلبگار آهيان. باقي اوهان جيڪو جنگ ۽ ڪاهہ جو لکيو آهي، سو سچ آهي تہ اوهين وڏا بادشاهہ آهيو، ۽ آئون اوهان کان گهٽ آهيان، ليڪن بادشاهہ ۽ گدا سڀ خدا جا ٻانها آهن، ملڪ سڀ خدا جو آهي، جنهن کي وڻيس، تنهن کي ڏئي، فتح ۽ هار بہ انهيءَ جي

هٿ ۾ آهي، جي اوهان جو لشڪر وڏو آهي ۽ اسان جو ٿورو ته به همت خدا جي ڏنل آهي، جي اوهان وٽ رُڪ جون تراريون آهن، ته اسان وٽ به ڪاٺ جون ڪين آهن."

اهڙي قسم جو جواب لکي ڏياري موڪليائين.

اهو جواب جڏهن ايران جي جوان بادشاهه کي مليو، تڏهن هڪدم لشڪر گڏ ڪري، ڪاهي يمن تي آيو. اڳيان يمن جي بادشاهه به تياري ڪئي. آخر ٻنهي لشڪر اچي جنگ جي ميدان ۾ گڏ ٿيا. خدا جي خواهش پٺيان يمن جي بادشاهه شڪست کاڌي ۽ جنگ ۾ مارجي ويو. ايرانين هن جو ملڪ، خزانو ۽ مال اسباب سڀ لُٽي هٿ ڪيو. حرمسراءِ کي گهيرو ڪري، يمن جي بادشاهه جي ڌيءَ کي هوُدي ۾ چاڙهي قيد ڪري، ٻين زالن سميت ايران ڏي وٺي ويچي، انهيءَ سان شادي ڪيائين. آسپاس يمن جو سارو ملڪ تباهه ٿي ويو. سڀ قبيلا جيڪي ڳچ پنڌ تائين رهندا هئا، سي سڀ ڀڄي لڪي ٿي ويا. گهڻي عرصي کان پوءِ، جڏهن ايراني ملڪ ڇڏي ويا، چوڌاري ڊپ لٿو ۽ آرام ٿيو، تڏهن ٿورا ٿورا ٿي پنهنجن مڪانن تي موٽي اچڻ لڳا.

وامق ٻيڙيءَ ۾ هو، هلندي هلندي، نيٺ اچي عربستان جي ڪناري کي پهتو، خدا جا شڪرانا ادا ڪيائين، جنهن وطن جا وڻ وري ڏيکاريس. سڌو يمن ڏي پڳو، ته پنهنجي پيءُ ـ ماءُ ۽ ٻين عزيزن کي ڳڌجي. وڃي، ته ڇا ڏسي ته سارو ملڪ ويران، محلات ۽ حرمسراءِ بيابان ٿيا پيا آهن. پيءُ جي مارجڻ جو، ماءُ ڀيڻ ۽ ٻين عزيزن جي قيد ٿي وڃڻ جو ڏاڍو ارمان ٿيس. پوءِ رُئندي

پيءُ جي قبر تي ويو، ۽ انهيءَ کي ختمو ڏنائين. انهيءَ سان روئي پنهنجو حال ڪيائين. جڏهن ماتم ڪري ڍؤ ڪيائين ۽ ٻيو علاج سواءِ صبر جي ڪونه سجهيس، تڏهن عذرا جي خبر رکڻ لاءِ ويو. اتي به ڏسي ته پونو لڳو پيو آهي، اهو قبيلو توڙي ٻيا عرب سڀ ڀڄي نڪري گم تي ويا هئا. وري نئين سر ٻيو درد دل ۾ شروع تيس، پنهنجي محبوب جي رهڻ جو هنڌ ۽ اڳيون ڳالهيون ياد ڪري روئڻ لڳو.

اهڙي بڇڙي حال ۾ هو انهن قبيلن جي ڳولا ۾ گهمندو رُلندو وتيو، جيئن مجنون ليليٰ جي ڳولا ۾ پئي رُليو. ڪپڙا جهنگ ۾ ڦاٽي پيس ۽ پير ڦٽجي پيس. هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ، ٻئي هنڌان ٽئين هنڌ پئي رُليو ۽ ڏس پئي پڇيائين. هوڏي عذرا جا مائٽ به جنگ جي ڪري دربدر تي، ٻين قبيلن وانگي رُلندا وتيا، هڪڙي هنڌان منزل ڪٽي ٻئي هنڌ تنبو تي هنيائون. عذرا کي به وامق جو خيال هو ۽ هوءَ به انهيءَ جي ئي ڳولا ۾ هئي: اگرچه ٻڌو هئائين ته هو مصر ۽ شام جي پاسي آهي ۽ پنهنجي وطن اچڻ وارو آهي، اُميد هيس ته مَنَ ڪٿي گڏجي.

وامق گهمندو رُلندو هڪڙي ڏينهن، جڏهن ٿڪو تڏهن هڪڙي وڏي دڙي جي چوٽيءَ تي ويهي ڏاڍيءَ نااُميديءَ ۽ غم ۾ خيال پچائڻ لڳو. اوچتو پري کان هڪڙي زال آسپاس جهنگ ۾ گهمندي ڏٺائين، دؤل مان شڪ پيس ته عذرا آهي، هو به ائين. عذرا جا مائٽ آسپاس ڪٿي منزل انداز هئا، ۽ وامق به اتفاق سان انهيءَ نزديڪيءَ ۾ اچي نڪتو هو. عذرا ڪاٺين لاءِ يا ڪنهن ٻئي

خيال سان، انهيءَ پاسي لڙي آئي. جيئن وامق جي نظر هن تي پيئي، تيئن هن جي بہ متس نظر پيئي ۽ شڪ پيس، سا رڙهي ويجهي تي، ٻيئي هڪٻئي ڏي ڊوڙيا، دڙي تي ٻيئي اچي گڏيا، ياڪر پائي مليا. پر سندن سڪ ۽ محبت، هيترن ڏينهن ۽ مصيبتن کان پوءِ گڏجڻ جي خوشي، ايتري بي انداز ۽ اوچتي هئي، جو هنن جو هڪٻئي جي ٻَڪَ ۾ ساهہ نڪري ويو، اتي ئي ڍيري تي ٻئي ڪِري پيا. شاعر لکي ٿو تہ هنن ٻنهي جي عشق جي باهہ جا اچي گڏِي، تنهن مان اهڙا شعلا اُٿيا، جو هنن ٻنهي کي سچ پچ باهہ لڳي ويئي، ۽ سندن جسم سڙي خاڪ ٿي ويا، عذرا جي مائٽن اچي اهي ڏٺا، انهن ٻنهي کي اُنهيءَ دڙي تي دفن ڪري قبر ٺاهي ڇڏيائون. اُها هڪڙي گڏيل قبر اجا اُتي ڏسڻ ۾ پيئي اچي ۽ انهيءَ دڙي کي "وامق ۽ عذرا جو دڙو" ٿا سڏين.

## گل ڦل

سنڌي ادبي بورڊ جو ماهوار ٻارن جو رسالو

ٻارن لاءِ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ادب پيدا ڪرڻ جو فرض - ان ٻوليءَ ۾ جيڪا اسان کي بيحد پياري آهي، جنهن جي دائمي زندگيءَ ۾ اسان کي پورو يقين آهي، جنهن جي روشن مستقبل جي ضمانت لئي پتي وري به اسان جا اهي ٻارئي آهن - هڪ اهڙو فرض آهي، جنهن جي اهميت جو احساس اسان مان جنهن کي جيترو هجي اوترو بهتر.

سنڌي ادبي بورڊ، مٿيون ڳالهيون خيال ۾ رکي، سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ ماهوار رسالو "گل ڦل" جاري ڪيو آهي. رسالي ۾ معلوماتي مضمون، نصيحت آموز آکاڻيون، وندرائيندڙ شعر، پروليون، ٽوٽڪا، سوال جواب ۽ ٻيو ڪارآمد مواد، تصويرن سان سينگاري وڌو وڃي ٿو. هر پرچو سراسري ٻاهتر صفحن جو ٿيهي ٿو. رسالي جي وڌندڙ مقبوليت ڏيکاري ٿي ته رسالو ٻارن کي پسند پيو آهي، ۽ ان جو مستقبل نهايت اميد افزا ۽ شاندار آهي.

رسالي جو ساليانو چندو پنجاهه رپيا آهي، في ڪاپي قيمت پنج رپيا اٿس. اسڪولن جي حالت ۾ ڏهه يا ان کان مٿي ڪاپيون گڏ گهرائيندڙ کي ٽيٽيهه سيڪڙو رعايت پڻ ڏجي ٿي ۽ ٽپال خرچ پڻ وصول نٿو ڪيو وڃي.

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

ٻَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ
کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽
ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ
کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.
شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ،
پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ
جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ
اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ
”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ
وڃايو“ ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)